
# ٦ - ويرُ جَوانُ

**پڙهو. ڳايو.**



ياد ڪري ٿو توکي سارو هندستان،

او ڀارت جا وير جوان.

١. دوُر دوُر سرحد تي تنهنجو ڏينهن رات آ پَهرو؛
گهرَجي پنهنجن پيارن جو پڻ ڏسي سگهين نہ چهرو،
لَڙندي لڙندي دشمن سان، تو جان ڪرين قربان؛
او ڀارت جا وير جوان.

٢. ڪري ڪرامت ڪارگل ۾ تو، پنهنجي ڌاڪ ڄمائي؛
’ٽائيگر هِلِ‘ کي باهہ لڳائي، دشمن کي آڻ مڃائي،
پويان پير ڪري موٽي ويو، شرمسار شيطان،
او ڀارت جا وير جوان.



٣. راڻي پرتاب جو ڀالو تو وٽ، شير شواجيءَ جي تلوار؛
هنومان جو ٻَلُ آ تو وٽ، ۽ درگا جي تيز ڪٽار،
تو وٽ آهي گَدا ڀِيم جي، اَرجن جو پڻ تير ڪمان؛
او ڀارت جا وير جوان.

٤. تنهنجي ڪري ئي پيارا سپاهي، ديس رهي آزاد؛
سيڪو سُکَ جي ننڊ سمهي ٿو، هر ڪوئي آ شاد،
ڪين ڪڏهن ڀُلجي ويندا سين، تنهنجا هي اَحسان؛
او ڀارت جا وير جوان.

**نوان لفظ:**

قربان = ٻلهار    شرمندو = لڄي    ڪرامت = چمتڪار

شاد = خوش    اَحسان = ٿورو.

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) سپاهي ڪنهنجو چهرو نٿو ڏسي سگهي؟
٢) ڏاڪ ڄمائڻ لاءِ سپاهيءَ ڇا ڪيو؟
٣) سپاهيءَ ڪي ڪهڙا هٿيار آهن؟
٤) شاعر موجب ڪنهن جا اَحسان اَسين ڪڏهن ڪونه ڀلائينداسين.

**سوال ٢:- بيت جي آڌار تي سٽون پوريون ڪريو:-**

١) ڪري ڪرامت ---------------------------------------- آڻ مڃائي.
٢) راڻي پرتاب جو ----------------------------------------- تيز ڪٽار.
٣) سيکو سک جي ----------------------------------- تنهنجا هي اَحسان.

**سوال ٣:- خال ڀريو:**

١) لڙندي لڙندي دشمن سان ٿو ----- ڪرين قربان.
٢) ----- کي باهه لڳائي تو دُشمن کي آڻ مڃائي.
٣) سيکو سک جي ننڊ سمهي ٿو ------ آ شاد.

**سوال ٤:- هيٺ ڏنل پهاڪا، چوٽيون جملن ۾ ڪم آڻيو:-**

ڏاڪ ڄمائڻ، آڻ مڃائڻ، پويان پير ڪري موٽڻ، سُک جي ننڊ سمهڻ.

**سوال ٥:- هيٺين لفظن جا هم آوازي لفظ لکو:**

١) پهرو ٢) پيارا ٣) ڪڏهن ٤) ڏينهن

**هدايت :-** ماستر هيءُ بيت اثرائتي نموني پڙهي ٻڌائيندو ۽ چوائيندو.
**مشغولي:** ماستر، شاگردن کي ”وير سپاهي“ تي ڏهه سٽون لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

**(١) شعر بعد تي مشغوليون**

١) ڪرى ڪرامت ڪارگل ۾ تو --------- اَرجن جوڪڻ تير ڪمان.

**جوڙا ملايو:**

| | |
|---|---|
| ١) هنومان | ١) ڀل |
| ٢) درگا | ٢) تير ڪمان |
| ٣) راڻو پرتاب | ٣) ڀالو |
| ٤) شيواجي | ٤) تلوار |
| ٥) اَرجن | ٥) ڪٽار |
| ٦) ڀيم | ٦) گَدا |

**٢) ’شير شيواجي‘ ۾ ٻئي لفظ ساڳئي اَکر سان شروع ٿين ٿا.**
اَهڙي نموني ٻيا ٻه مثال ڳولهي لکو.

۳) هيٺين سوالن جو جواب هڪ لفظ ۾ ڏيو:-


(الف) رامايڻ جو ڪردار

(ب) مهاڀارت جو ڪردار

(ڀ) چيتڪ، گهوڙو هلائيندڙ

(پ) مُغلن کي توتا ڇپائيندڙ

۴) فوج ۾ ملندڙ سنمانن (پدڪن) جي ياداشت ٺاهيو.



## وياڪرڻ

۱. ڏنل مثالن موجب جُملا پورا ڪريو :-

| عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|
| مثال:- ۱) راڻيءَ اَنب کاڌو. | راڻين اَنب کاڌا. |
| ۲) ڇوڪرو راند ڪري ٿو. | ڇوڪرا راند ڪن ٿا. |
| ۱) راڌا آکاڻي پڙهي. | .................................... |
| ۲) .................................... | پنکا هلن ٿا. |
| ۳) وڻ هوا کي شُڌ ڪري ٿو. | .................................... |
| ۴) .................................... | ٻار پکنڪ تي ويا. |
| ۵) ڳانءِ کي سڱ هوندا آهن. | .................................... |
| ٦) .................................... | پوليس چورن کي پڪڙيو. |
| ۷) طوطو مرچ کائيندو آهي. | .................................... |
| ۸) .................................... | هيرا چمڪندا آهن. |
| ۹) رينا ليکُ لِکيو. | .................................... |
| ۱۰) .................................... | ميزن تي گلاسُ رک. |

۲. جنس بدلايو:- گهوڙو، راڻي، مامو، ڏاڏي، مور، ٻلي، هاٿي، زال، اُٺ، پاڙيجي